پارن لاء بائبل
تحفو



# كليسياه
# مشكلاتن كي
# منهن ڏئي ٿو

Edward Hughes :لکيل پاران

Janie Forest :اشارو ڪندڙ
Alastair Paterson

Ruth Klassen :طرفان قبول ڪيو ويو

Aim4Faith Ministries, Pakistan :ترجمو ٿيل

Bible for Children :ڇاهيل پاران
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي کاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توهان ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

خُدا جو پٽ يسوع مئلن مان جيئرو ٿي اٿڻ جي پنجاهه ڏينهن
کان پوءِ، روح القدس سندس پوئلڳن ۾ جيئرو ٿي آيو.
جيتوڻيڪ شاگرد اهو نه سمجهندا هئا ته ڪيئن خُدا پيءُ، خُدا
پٽ (يسوع) ۽ خُدا پاڪ روح سڀ هڪ ئي خُدا ٿي سگهي ٿو،
اهي خوش ٿيا ته خُدا انهن سان گڏ آهي. خُدا رسولن جي
مدد لاءَ عجيب ڪم ڪيو ته جيئن هي ٻين
کي يسوع بابت ٻڌائن.



جيڪي ماڻهو يسوع تي ايمان آڻيندا هئا، سي سڀ ڪُجھ ورهائيندا هئا ته جيئن غريبن جو خيال رکيو وڃي. پر حننياه ۽ صفيرا نالي هڪڙي جوڙي بي ايمان هئي. انهن ڪجھ زمين وڪڻي ڇڏي ۽ اهي ظاهر ڪيو ته هنن پنهنجا سڀ پئسا رسولن وٽ آڻي ڏئي ڇڏيا آهين. پر ڳجهي طرح پاڻ لاءِ ڪجهه پوئتي رکيائون.





"شيطان تنهنجي دل کي چو پريو آهي
ته روح القدس سان ڪوڙ ڳالهايو...؟"
پطرس حننياه کان پڇيو. "توهان انسانن
سان نه پر خُدا سان ڪوڙ ڳالهايو
آهي." پوءِ حننياه ڪري پيو ۽ سند س
آخري ساهه کنيو. ۽ نوجوان ڪيس
ويڙهي، ٻاهر ڪڍي
ويا ۽ دفن ڪيائون.

ٿوري دير کان پوءِ صفيرا اندر آئي، کيس خبر نه هئي ته سندس مڙس مري ويو آهي. هن پئسن جي باري ۾ پڻ ڪوڙ ڳالهايو - ۽ ساڳيو ئي هن سان ٿيو. جن اهي ڳالهيون ٻڌيون، تن تي وڏو خوف پکڙجي ويو.



خُدا پاڪ روح رسولن
جي ذريعي ڪيترائي
معجزا ۽ عجيب
ڪم ڪيا. مثال
طور، جڏهن پطرس
جو پاڇو انهن تي
ڪري پيو بيمار ماڻهن



کي شفا ڏني وئي.

اهو عظيم معجزن جو
وقت هو، ۽ هي خُدا
جي موجودگي
کي ڏيکاريندا آهين.
وڏيک ۽ وڏيک ماڻهن
يسوع تي ايمان آندو. ان
ڳالهه تي وڏيري کاهين
کي ڏاڍي کاوڙ آئي. هن

رسولن کي جيل
۾ وڌو!





پر رات جو خُداوند
جي هڪڙي ملائڪ
جيل جا دروازا کوليا
۽ انهن کي ٻاهر
ڪڍيو، ۽ چيو ته
"وڃو، هيڪل ۾ بيهي
رهو ۽ ماڻهن کي هن زندگيءَ جون سڀ ڳالهيون ٻڌايوءِ.
رسول ٻاهر نڪري آيا ۽ يسوع جي باري ۾ تبليغ ڪرڻ لڳا.
صبح جو، وڏي ڪاهين جي ماڻهن جيل خالي ڏٺو.

جڏهن هو آخرڪار انهن کي مليو، وڏي ڪاهين رسولن کي ٻاهي چڙيو. "ڇا اسان توهان کي سختيءَ سان حڪم نه ڏنو هو ته هن نالي جي تعليم نه ڏيو؟" "اسان کي خُدا جي فرمانبرداري ڪرڻ گهرجي بلڪه انسانن جي نه،" پطرس ۽ ٻين رسولن جواب ڏنو. اعليٰ ڪاهين ڏاڍو ڪاوڙيل هو، هن رسولن کي مارڻ چاهيو. ان جي بدران، هن انهن کي ڦٽڪا هٽايائون ۽ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو.



تڪليفن جي باوجود، رسُولن خُدا جي فرمانبرداري ۾ يسوع جي تعليم جو ڪم جاري رکيو.



هڪ ڏينهن استفنس نالي هڪ شخص کي گرفتار ڪيو ويو.
استفنس خُداوند يسوع سان پيار ڪندو هو. پاڪ روح هن
کي استعمال ڪري رهيو هو ٻين کي يسوع بابت ٻڌائڻ لاءِ.



ڪي ماڻهو ڪوڙ پيا چون، ته
استفنس خُدا جي خلاف
ڳالهائي رهيو هو.
يسوع تي سندس ايمان
جي ڪري هڪ
ڪوڙي عدالت جي
ڪاروائي ڪان پوء، استيفنس
کي پٿرن سان ماري شهيد
ڪيو ويو.

مرڻ کان اڳ، ستيفنس، پاڪ روح سان ڀريل، آسمان ڏانهن
ڏٺو ۽ خُدا جي شان ۽ يسوع کي
خُدا جي ساڄي هٿ تي بيٺو
ڏٺو. ميڙ ستيفنس کي پٿر
هڻي رهي هئي جيئن
هو خُدا کي سڏي رهيو
هو ۽ چئي رهيو
هو، "اي خُداوند
يسوع، منهنجي
روح کي قبول
ڪريو."



ان کان پوء، صليب
تي يسوع وانگر،
هن بهادر انسان
پنهنجي مرڻ واري
سانس کي دعا
ڪرڻ لاء استعمال
ڪيو ته خُدا
هن جي قاتلن کي
معاف ڪري.



استفنس جي موت کان پوءِ ظلم جي هڪ نئين لهر شروع ڪئي. ساؤل نالي هڪ نوجوان، جنهن استفنس جي قاتلن جي مدد ڪئي هئي، جيڪو هو ڳولي سگهيو ٿي هر مسيحي کي گرفتار ڪيو. انهن مان گھڻا پنهنجن گھرن مان ڀڄي ويا ۽ يهوديه ۽ سامريه ۾ پکڙجي ويا.



رڳو رسول يروشلم ۾ رهيا.

جيتوڻيڪ سندن دشمنن کين مارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيڪي ٽڙ پکڙجي ويا، سي هر هنڌ يسوع جي خوشخبريءَ جي منادي ڪرڻ لڳا. يسوع جي پوئلڳن کي ڪجھ به روڪي نه سگھيو – ڇاڪاڻ ته خُدا جو پاڪ روح انهن ۾ رهيو ۽ انهن جي وسيلي ڪم ڪيو.



كليسياه مشكلاتن كي منهن ڏئي ٿو

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

اعمال ٥ ـ ٧

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

ختم

56

60

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٹ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاء مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.